حصو (ب) (مختصر جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن بہ 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال 2 مائي خيري ڪهڙا ڪهڙا خير جا ڪم ڪيا؟

سوال 3 مولانا دين محمد وفائيءَ جا ڪهڙا يادگار موجود آهن؟

سوال 4 وادي، مائيءَ کي ڪهڙو شرط ٻڌايو؟

سوال 5 شاعر وطن کي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

سوال 6 اتحاد مان ڪهڙا فائدا آهن؟

سوال 7 سليم وڏيڪ ڇو نہ پڙهي سگهيو؟

سوال 8 "هو ريان هو ريان" ٻٽو لفظ آهي. اهڙا ٻيا چار لفظ لکو.

سوال 9 هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

پڇاڙو ـ گهرجاءِ ـ سهڪار ـ نامور

سوال 10 نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

سوال 11 اسم خاص جي تعريف لکي مثالن سان سمجهايو.

سوال 12 هيٺين لفظن جا ضد لکو.

انتها ـ ڪوسو ـ بلندي ـ ڪرم

سوال 13 هيٺين لفظن جا جمع لکو.

عزت ـ قوم ـ ٻهاري ـ ٻاڙهو

حصو (ج) (تفصيلي جواب جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن بہ 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 08 مارڪون رکيل آهن.

سوال 14 هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو.

ميرن جي دربار ـ [illegible] ـ نصرپور

سوال 15 هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ شعر جي سمجهاڻي لکو.

(الف) سڙي تون، ٻين کي ڏئين ٿو سُهائي، ڪيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي !

(ب) جوڳ پليءَ کي ساجهر جوڙ ڪيت سان نيڻهن [illegible]

سوال 16 هيڊ ماسٽر صاحب کان چوٿين پيرڊ کان پوءِ موڪل جي درخواست لکو تہ والد صاحب کي اسپتال وٺي وڃڻو آهي.

يا

پنهنجي دوست کي خط لکو تہ هو اوهان جي وڏي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪري.

سوال 17 هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ شاعر جي زندگيءَ جو احوال لکو.

سچل سرمست ـ محمد صديق مسافر

سوال 18 پنهون جي جدائي ۾ سسئي کي پنهور ڪيئن ٿو نظر اچي؟